# لڇمڻ داس چتناڻي

چيف ڪمشنر آف اِنڪم ٽيڪس، دهلي




Laxman Das Chatnani
Chief Commissioner of Income Tax, Delhi

سنڌي هندن، ورهاڱي جي درد کي سيني ۾ سانديندي ۽ گونگا ٻوڙها ٻاڙيندي پارت ۾ پڙيءَ کان پنهنجي جيون جو پيهر آغاز ڪيو.

هنن محنت، لگن، عقل، فهم ۽ اَورچائيءَ سان پنهنجو هڪ اَلڳ مقام جوڙيو! تعليم هجي يا تجارت، سائنس هجي يا ٽيڪنالاجي؛

هر ميدان ۾ سنڌين پنهنجي قابليت سان ڪاميابي ماڻي آهي!

نہ صرف ايترو، پر هنن سرڪاري توڙي غيرسرڪاري اَهم عهدن تي بخوبي پنهنجو فرض نڀائيندي پنهنجو ۽

جاتيءَ جو نالو پڻ روشن ڪيو!

هڪ اَهڙو نوجوان دوست آهي **لڇمڻ داس چتناڻي**؛ جنهن اِنڊين روينيو سروسز جا اِمتحان پاس ڪندي اڄ اِنڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ ۾ ڪمشنر آف اِنڪم ٽيڪس جي عهدي کي زينت بخشي آهي!

**جوَهراڻي:** **توهان سنڌ جي ڪهڙي حصي مان اَچو ٿا؟ ان باري ۾ ڪا ڄاڻ ڏيو! توهان جي عمر ته ننڍي ٿي لڳي; ان مان ظاهر آهي ته توهان پڪ هندوستان ۾ ئي ڄاوا هوندا! پر اَسان توهان جي وڏن جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهينداسين؟**

**لڇمڻ:** اَسين حاجي خان مري ڳوٺ، ٽارو شاه (ضلع نوابشاه) سنڌ مان آهيون.

**جوَهراڻي:** **توهان جي وڏن جو اُتي ڪهڙو ڌنڌو هئو؟**

**لڇمڻ:** منهنجو ڏاڏو روينيو کاتي ۾ ملازمت ڪندو هو ۽ منهنجو پتا ورهاڱي وقت اُتي اَڃا وديارٿي هئو.

**جوَهراڻي:** **توهان جو پريوار هندوستان ۾ ورهاڱي وقت آيو هئو يا اُن کان اَڳ؟**

**لڇمڻ:** منهنجو پريوار ورهاڱي کان پوءِ ئي آيو هئو. پهرين منهنجو پتا ۽ سندس پيءُ جوڌپور آيا. جڏهن ته منهنجو ڏاڏو، ڏاڏي ۽ چاچا اَڃا سنڌ ۾ ئي هئا. ڇئن پنجن مهينن کان پوءِ جڏهن محسوس ڪيائون ته لڏڻ لاءِ حالتون سٺايون آهن، تڏهن هو به جوڌپور ۾ آيا. اَسان جا ڪي مائٽ اَللهآباد ۾ هئا، جيڪي ايئرفورس ۾ هئا. انهن اَسان کي اُتي اَچڻ جي نينڊ ڏني ته جيترو هڪ ٻئي جي ويجهو هونداسون، اوترو سٺو! تنهن ڪري اَسين اَللهآباد هليا وياسين. اسان جا مائٽ ورهاڱي کان اَڳ ئي ايئرفورس ۾ هئا ۽ سندن اُتي بدلي ٿي هئي.

**جوَهراڻي:** **توهان جي آکه چتناڻي آهي; تنهنجي معنيٰ توهان جو پڙ ڏاڏو يا اُن کان به ڪو وڏو بزرگ، چيتنداس جي نالي سان هوندو; جنهن جي پٺيان توهان هيءَ آکه اَپنائي آهي.**

**لڇمڻ:** بلڪل درست! جوَهراڻي!

**جوَهراڻي:** **توهان کي پنهنجي نُک يا گوتر جي باري ۾ ڪا ڄاڻ آهي؟**

**لڇمڻ:** ها! اَسين لوهاڻا آهيون. ڀڳوان رام جو پٽ لوءُ سنڌ ۾ آيو هو ۽ اُتي ئي رهندو هو. اَسين اُن خاندان مان ئي آهيون; جيڪي لوءُ جي

نالي پنيان ’لوهاڻا‘ ڪري ڄاتا ويا.

**ڄوهراڻي:** **توهان تعليم ڪٿي حاصل ڪئي؟**

**لڇمڻ:** مون الله آباد ۾ پنهنجي تعليم پوري ڪئي. منهنجو پتا، سنڌ ۾ ميڊيڪل ڪاليج ۾ هو. ورهاڱي کان پوءِ سياويڪ ڪيس پنهنجي تعليم ڇڏي هندوستان اچڻو پيو، جو سڀ گڏجي هتي آيا. هتي مالي حالتن جي تنگي هئڻ ڪري هو وڌيڪ پڙهائي ڪونہ ڪري سگهيو ۽ الله آباد جي ٽپال کاتي ۾ جونيئر ڪلارڪ جي حيثيت ۾ ڀرتي ٿيو ۽ رٽائرير ٿيڻ تائين ٽپال کاتي ۾ آفيسر جي عهدي تي پهچي ويو. ان طرح منهنجي تعليم الله آباد ۾ پوري ٿي. الله آباد يونيورسٽي چڱي نالي واري هئي ۽ خوش نصيبان مونکي وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻو ڪونہ پيو.

**ڄوهراڻي:** **الله‌آباد ۾ پنهنجي تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ توهان کي پهرين نوڪري ڪٿي ملي؟**

**لڇمڻ:** مون کي پهرين نوڪري جيڪا ملي، سا ليڪچرار جي هئي؛ جو مون فزڪس (سائنس) ۾ ماسٽرس ڊگري حاصل ڪئي هئي. مون ‘Indian Revenue Service’ جو امتحان تہ ڏنو هو، پر نتيجو اچا ڪونہ نڪتو هو ۽ مان اُن لاءِ ترسيل هوس جو پڪ ڪونہ پئي ٿيم تہ اُن ۾ پاس ٿيندس يا نہ! ان وچ ۾ پوسٽ گريجوئيٽ سرڪاري ڪاليج رامپور اُتر پرديش، جيڪو بريلي ۽ مراد آباد جي ويجهو هو؛ اُتي مون کي ليڪچرار جي نوڪريءَ جي آڇ ٿي ۽ مان في‌الحال اُن ۾ لڳي ويس. جڏهن منهنجي آءِ.آر.ايس. امتحان جو نتيجو ظاهر ٿيو؛ تڏهن مان رامپور ۾ هوس ۽ پنهنجي چونڊ جي اچڻ جي خبر مون اخبار ۾ پڙهي!

**ڄوهراڻي:** **توهين اُن نوڪريءَ کان پوءِ انڪم ٽئڪس کاتي ۾ آيا. توهان کي آءِ. آر. ايس. (I.R.S.) کان سواءِ ٻيا بہ ڪي امتحان ڏيڻا پيا يا صرف اهو آءِ. آر. ايس. جو امتحان هن نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي هئو؟**

**لڇمڻ:** ايڪويهہ کان ڇويهہ سالن جي عمر وارو، ڪنهن بہ ڪيتر ۾

گريجيوئيٽ ڪيل شاگرد آءِ. آر. ايس. جي امتحان ۾ اُن وقت ويهي سگهيو ٿئي.

**جوَهراڻي:** **توهان جي لياقتن جي سوچيءَ مان خبر پيئي ته توهين ننڍي ۾ ننڍي عمر وارا هئا، جنهن کي انڪم ٽيڪس کاتي ۾ نوڪريءَ لاءِ چونڊيو ويو هئو!**

**لڇمڻ:** انهيءَ امتحان ڏيڻ لاءِ 1 آگسٽ تائين ايڪويهه سالن جي عمر جي ضرورت هئي. مان اُن عمر تائين ١٣ جولاءِ تي پهتو هوس؛ ان ڪري اِهو چئي سگهجي ٿو ته انهن ۾ مان ئي ننڍي ۾ ننڍو هوس.

**جوَهراڻي:** **اِنڪم ٽيڪس کاتي کي توهان جي شيوائن مان اڃا به گهڻو ڪجهه ملندو، جو توهان کي نوڪريءَ مان رٽاير ڪرڻ ۾ ڇگو ئي وقت پيو آهي!**

**لڇمڻ:** مون کي رٽاير ڪرڻ ۾ هن وقت به اَڃا ڇهه (6) سال پيا آهن. هن کاتي جي نوڪري ڪافي سني آهي ۽ رٽاير ڪرڻ وقت ميڙي چونڊي به جهجهي ئي ٿي ملي. ايشور جي مهربانين سان ۽ ٻين سيني جي شڀ اِڇائن سان مون کي اُميد آهي ته مان نر وگهن پنهنجي عهدي سان وفاداري ۽ انصاف ڪندي باقي سال پورا ڪندس!

**جوَهراڻي:** **پيا به ڪي سنڌي آهن، جيڪي اِنڪم ٽيڪس کاتي ۾ توهان جهڙي اوچ عهدي تي پهتا هجن؟**

**لڇمڻ:** هن وقت هڪڙو ناگپور ۾ مقرر ٿيل شخص، چيف ڪمشنر جي عهدي تي آهي! اَسان وٽ وڏيڪ تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ اَڪادمي آهي، جنهن کي 'نيشنل اَڪادمي آف ڊائريڪٽ ٽيڪسز' چيو ويندو آهي. جنهن کي آءِ. آر. ايس. لاءِ چونڊيو ويندو آهي، تنهن کي هڪ سال جي وڏيڪ سکيا حاصل ڪرڻ لاءِ اُن ۾ داخل ٿيڻو پوندو آهي. اها سکيا تمام ضروري آهي. ان ڪري تمام ماهر شخصن کي اُن جي واڳ لاءِ ڪنيو ويندو آهي ۽ هڪ سنڌي پيڻ اُن اَڪادميءَ جي مکيه عهدي تي آهي، جيڪا

ڊئريڪٽر جنرل جي نالي سان ٻه جاتي ويندي آهي.

**جوَهراڻي:** **ان جو نالو ڇا آهي؟**

**لڇمڻ:** مِس گيتا ڪرپالاڻي! ان ڪان اَڳ ٻه ٻين ڪيترن سنڌين اِنڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ ۾ شيوائون ڏنيون آهن ۽ نالي جي ڇاپ ڇڏي آهي.

**جوَهراڻي:** **سو توهان جي چوڻ موجب سنڌي ماڻهو ان ڪاتي جي گهڻو ڪري سڀني حصن ۾ آهن.**

**لڇمڻ:** هتي بمبئيءَ ۾ سنڌي ماڻهو تمام سنن عهدن تي آهن. ورهاڱي کان پوءِ اَسان کي نوڪريون حاصل ڪرڻ ۾ اَڳرائي ڏني ويئي هئي.

**جوَهراڻي:** **هڪ ٻيءَ ڳالهه منهنجو ڌيان ڇڪايو آهي، ته نوڪريءَ جي پيشي ۾ رهندي ٻه هنن جي اَندر ۾ ٻولي ۽ ساهتيه لاءِ اَٿاه اُڪير ۽ سِڪ پريل آهي! اها سچ پچ بيحد ساراه جوڳي ڳالهه آهي ته پنهنجين نوڪرين سان پوري طرح نڀائيندي ٻه هنن جاتيءَ طرف پنهنجو فرض پڻ پوري طرح اَدا ڪيو آهي. هر آفيس ۾ هر هڪ ڪاتي ۾ هنن پنهنجو سنڌي سرڪل ٺاهيو آهي. جيئن رزرو بئنڪ کي پنهنجي سڀا آهي. اِسٽيٽ بئنڪ کي پنهنجي سنڌي سڀا آهي، سينٽرل ۽ ويسٽرن ريلوي کي پنهنجون سنڌي سڀائون آهن. ان ساڳي طرز تي اِنڪم ٽيڪس ڪاتي کي ٻه پنهنجي سنڌي سڀا آهي ڇا؟**

**لڇمڻ:** ها! اَسان کي پنهنجي ’سنڌي سڀا‘ آهي. اُها ساليانو رسالو ’سرهاڻ‘ ڇپائي پڌرو ڪندي آهي. هر سال هڪ جلسو ٻه ڪندا آهن؛ جنهن ۾ گيت سنگيت جو پروگرام پيش ڪيو ويندو آهي. پڪنڪس جو ٻه بندوبست ڪيو ويندو آهي؛ جتي اَسان کي پاڻ ۾ گڏجڻ ۽ رلڻ ملڻ جو موقعو ملندو آهي. اتي اَهڙو ماحول پيدا ٿي ويندو آهي، جو اَسين پاڻ ۾ سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائيندا آهيون ۽ اها تمام سٺي ڳالهه آهي!

**جوَهراڻي:** **جيئن تہ رسالي شايع ڪرڻ جي ڳالهہ نڪتي آهي؛ تہ مون کي ڄاڻ ملي آهي، تہ توهان بہ ڪي ڪتاب لکيا آهن!**

**لڇمڻ:** ساهتيہ جي لحاظ کان مون ڪوبہ ڪتاب ڪين لکيو آهي! هندوستان ۾ نيشنل ڊفينس جو هڪڙو شاندار ۽ آبرودار ڪورس آهي، جنهن جو مُدو هڪ سال جو ٿيندو آهي. سيني نوڪري ڪندڙن لاءِ اهو تمام ڪارائتو ۽ سني ۾ سنو ڪورس آهي ۽ خاص ڪري اُنهن لاءِ جيڪي فوجي کاتي ۾ وڃڻ چاهيندا آهن ۽ اهي فوجي کاتي ۾ وڏن وڏن عهدن تائين پهچي ويندا آهن؛ جيئن تہ آرمي جنرل، چيف آف نيوي يا ايئر فورس؛ تن لاءِ هيءُ ڪورس ڪرڻ لازمي آهي. توهان کو بہ فوجي، ان کاتي جو وڏو ڪورس پاس ڪرڻ کان سواءِ ڪونہ ڏٺو هوندو. نہ صرف پارت، پر اَسان جي پاڙيسري دوست ملڪن ۾ بہ اِئين آهي تہ جن هيءَ سکيا ورتي آهي صرف اُهي ئي وڏن عهدن تائين پهچي سگهندا آهن. مون کي اُهو ڪورس ڪرڻ جو موقعو ملي ويو. ان هڪ سال جي تعليم ۾ ڪيترن کاتن جي ماهرن سان مڪاميلو ڪندي خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي آهي. خاص ڪري اُنهن سان جيڪي اُتي ليڪچر ڏيندا آهن. ان ڪورس جو مکيہ ۽ ضروري حصو آهي پنهنجي ٿيسز اُتي پيش ڪرڻ. اُن وقت ٧٢ آفيسر هئا، جن ان ڪورس ۾ حصو ورتو. ٻاونجاه هندوستاني ۽ باقي ويہ وديشي. هرڪنهن کي اَلڳ اَلڳ وشيہ ڏني ويئي هئي. اَسين پهرين پنهنجي پسنديءَ آهر ڪجهہ وشيہ چونڊيندا هئاسون ۽ پوءِ اُنهن مان پسندي واري ڪنهن بہ هڪ عنوان تي اَسان کي ٿيسز لکڻي پوندي هئي. ان طرح مليل موضوع تي مون ٿيسز لکي پيش ڪئي.

**جوَهراڻي:** **اُهو ڪهڙو وشيہ هئو؟**

**لڇمڻ:** اهو ڪورس مون ١٩٩۴ع ۾ ڪيو هئو؛ پر ١٩٩١ع کان وٺي گلوبلائيزيشن (Globalization) جو ويچار اَچي چڪو هئو؛ سرڪار جنهن جي مدنظر وديشي ناٽو سيڙائيندڙن کي هندوستان ۾ گهرائڻ جو سوچي رهي هئي؛ جيئن هتي جي مڪاني ماڻهن لاءِ روزگار جا وڏيڪ وسيلا پيدا ٿي سگهن ۽ ڪارخانن ۾ واڌ اَچي!

اها وديشي ناٽي جي هندوستان ۾ سيڙپ ڪرڻ جي شروعات هئي.
ان سان ئي واسطو رکندڙ مون کي وشيہ مليو،
**’وديشي ناٽي جي هندستان ۾ سيڙپ جي ضرورت ۽ اُن جا فائدا‘.**

مون ان وشيہ تي وڏو مضمون لکيو، جنهن ۾ ڪيترن ئي پهلوئن کي اُجاڳر ڪيم. جيئن تہ وديشي ناٽي کي هندوستان ۾ ڪيئن ڪم آڻي سگهجي ٿو؛ هن وقت جون حالتون ڪهڙيون آهن ۽ اَسين اُنهن کي ڪيئن بهتر بڻائي سگهون ٿا! مون کي ان تي نيشنل ڊفينس ڪورس، دهليءَ طرفان سني ۾ سني ٿيسز لاءِ اَوارڊ مليو!

**جوَهراڻي:** **جيئن تہ هاڻي اَسين اَوارڊ جي وشيہ تي پهتا آهيون، تہ ٻڌائيندا تہ توهان ٻيا ڪهڙا اِنعام ۽ سنمان حاصل ڪيا آهن؟**

**لڇمڻ:** مون کي پنهنجي اِنڪم ٽيڪس کاتي مان هڪ لک رپين جو اِنعام مليو آهي!

**جوَهراڻي:** **اهو انعام توهان کي ڪهڙي سال ۾ مليو؟**

**لڇمڻ:** هن سال ئي مارچ ۾!

**جوَهراڻي:** **جيئن ڏسڻ ۾ اَچي ٿو تہ توهان جي تعليم طرف ڏاڍي گهڻي رُچي آهي! ڇا توهان جي ٻارن ۽ پريوار جي ٻين ڀاتين جو بہ ان طرف لاڙو آهي؟**

**لڇمڻ:** مان ان ۾ نصيب وارو آهيان! ڏاڍيءَ جي مهر سان منهنجو ننڍو ڀاءُ اَسسٽنٽ ڪمشنر آف اِنڪم ٽيڪس آهي ۽ جلد ئي هو ڊپٽي ڪمشنر ٿيندو. اَسين ٽي ڀائر آهيون ۽ منهنجو ننڍي ۾ ننڍو ڀاءُ سِوِل اِنجنيئر آهي. پهرين تہ هو ملٽي نيشنل ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندو هو، پر بدلين سدلين کي دور رکڻ لاءِ هو بمبئيءَ جي جڳهين جي اَڏاوت واري خانگي ڪمپنيءَ جي نوڪريءَ ۾ گهڙيو آهي. منهنجون ٻيئي ڀينر گريجوئيٽ آهن.

**جوَهراڻي:** **توهين پنهنجي ٻارن جي باري ۾ ٻڌائيندا؟**

**لڇمڻ:** مان ٻارن جي ڳالهہ ۾ پڻ مان سچ پچ ڀاڳوان آهيان! منهنجي پٽ هتي بمبئيءَ ۾ اِنجنيئرنگ پڙهي پوري ڪئي ۽ ماسترس ڊگري

حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيليفورنيا ويل آهي؛ جتي به ڪيس تمام خاص سنمان ملي چڪا آهن!

**جوَهراڻي:** **سو اهي اِنعام -سنمان جا سلسلا توهان جي ڪٽنب ۾ هلي رهيا آهن! توهان ڪان پوءِ هاڻي توهان جو پٽ به اهي حاصل ڪري رهيو آهي!**

**لڇمڻ:** اها سڀ ايشور جي ڪرپا آهي! اَسان جي وڏن تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن؛ جيئن منهنجو پتا، جيڪو ميڊيڪل فيلڊ ۾ وديارٿي هئو پر پريوار لاءِ سڀ ڪجهه ڇڏي ڏنائين!

**جوَهراڻي:** **جيئن ته اسين سڀ ڄاڻون ٿا، ته توهين پاڻ کي سنڌي سڏايو ٿا؛ تنهن مان ظاهر آهي ته اَسين اُن پري پاڪي سڀيتا جا وارث آهيون، جن جي تهذيب ۽ تمدن سڄي دنيا کي واڌاري جي راهه ڏيکاري آهي. اها اَسان لاءِ فخر جي ڳالهه آهي؛ پر اَڄ ڪالهه جي نئين پيڙهيءَ وارا پاڻ کي سنڌي سڏائڻ کان شرمائي رهيا آهن! ان جا ڪهڙا سبب ٿي سگهن ٿا؟**

**لڇمڻ:** مان سمجهان ٿو ته اَڄ ڪالهه جا ماڻهو اَسان جي سڀيتا جي خوبين کان بي خبر آهن! هنن کي خبر ئي ڪانه آهي ته اَسان جي سڀيتا پنجن کان ڇهن هزارن سالن واري پراچين آهي؛ اُن کان پوءِ ئي ڪيترا ڌرم ۽ مذهب وجود ۾ آيا! مان سمجهان ٿو ته ڪين اَنگريزي، هندي، سنڌي ۽ ديوناگريءَ ۾ ڪتابن وسيلي ٻڌايو وڃي ته اَسان جي سڀيتا جي خوبصورتي ۽ اُن جي اَهميت ڪهڙي ۽ ڪيتري آهي!

**جوَهراڻي:** **ڪيتري وقت کان اَسان وٽ لپيءَ جو واد وواد پيو هلي! ڪي عربي لپي ته ڪي وري ديوناگريءَ جي فائدي ۾ آهن. توهان جي خيال موجب اَڄ ڪالهه جا نوجوان ڪهڙي لپي پسند ڪندا؟ جنهن مان ڪين اسان کي مليل هن بي بها اَباڻي ورثي ۽ ساهتيڪ خزاني جي ڄاڻ پئجي سگهي!**

**لڇمڻ:** اَسين عربي لپيءَ کي ڇهتِي پونداسين ته اهو ڏاڍو ڏکيو ٿيندو؛ جو اَسين پنهنجي ٻوليءَ کي بچائي سگهون! باقي رهي ديوناگري

۽ رومن لپي. هاڻي جيڪڏهن اَسين پنهنجي جاتيءَ جو عدد ڏسندا سين ته ديوناگري سمجهڻ وارن جي گهٽائي آهي. ڪجهه ماڻهو جيڪي رومن لپي به ڄاڻن، پر ديوناگري سمجهڻ وارن جي گهٽائي آهي. سو ديوناگريءَ معرفت اَسين گهڻن ماڻهن تائين پهچي سگهون ٿا. ٻولي سنڌي ئي هجي، پر ديوناگري يا رومن لپي هوندي ته اَسان کي پنهنجي سيپتا جي ڄاڻ رهندي! حقيقت ۾ مونکي ئي ڪيترين ڳالهين جي ڄاڻ ڪانه هئي؛ جيستائين اُهي آهستي آهستي منهنجي سامهون کلنديون نه ويون. سو انهن سيني ڳالهين جي ڄاڻ جيڪڏهن ٻارن کي شروع ۾ ئي ملندي رهندي ته اُهي پاڻ کي اَڌورو ۽ اَڻپورو محسوس نه ڪندا.

توهان جو ٻيو سوال هو ته اَڄ ڪالهه ماڻهو پاڻ کي سنڌي سڏائڻ کان شرمائي رهيا آهن! ان لاءِ مان سمجهان ٿو ته شروع شروع ۾ جڏهن اَسين هتي آيا هئاسين، تڏهن اَسان کي گهٽ ترقي ڪيل جڳهين تي ورسايو ويو؛ جنهن جي ڪري هتي جي ماڻهن جي دلين تي اَسان جي باري ۾ سٺو اَثر ڪونه ٿيو ۽ هاڻي جڏهن اَسين ترقي يافته ٿي پنهنجا ويچار ٻين ماڻهن جي اَڳيان رکون ٿا ته ٿي سگهي ٿو ته سندن ويچار ڌارائن ۾ بدلاءُ اَچي! اَڳيون پيل اَثر هاڻي بدلجي رهيو آهي؛ جو هاڻي تعليم ۽ صحت جي کيتر ۾ خاص ڪري بمبئيءَ ۾ اَسان گهڻو ڪجهه ڪري ڏيکاريو آهي!

**جوَهراڻي:** **صرف بمبئيءَ ۾ ئي ڇو! اَسان ته سڄي هندوستان جي تعليم جي کيتر ۾ ڏاڍو پاڻ موکيو آهي!**

**لڇمڻ:** تنهن هوندي به اَڃا ڪيتريون جڳهيون آهن؛ جيئن ته اُلهاس نگر وغيره جتي اَڃا به واڌاري جي گنجائش آهي!

**جوَهراڻي:** **اُلهاس نگر جي باري ۾ ڪيتريون غلط فهميون آهن؛ پر سچ ٻيو آهي! اَسين پاڻ دوڪان کوليندا سين، صاف صفائي ڪندا سين ۽ پاڻ دوڪان تي ويهي گراهڪن کي مال وڪڻندا سين؛ ان حساب سان ته اَسان جو خرچ گهٽ ٿئي ٿيو ۽ اَسين سستي اَگهه ۾ مال وڪڻي ٿي سگهياسون. لوڪل ماڻهن تي اهو زوريءَ غلط اَثر**

**ويهاريو ويو تہ سستو مال يعني نقلي مال وارو اُلهاس نگر! پر هاڻ اُهو وهم، ڀرم ۽ اُها غلطفهمي دور ٿي چڪي آهي!**

**لڇمڻ:** سچ ٿا چئو رام! اهو هڪ ڀرم هو! اَسين محنتي آهيون؛ ان ڪري مال سستو پئي ڏنوسين؛ تنهن هوندي بہ اُلهاس نگر کي وڏيڪ سڏاري سگهجي ٿو! جيئن تہ صحت، صفائي ۽ دوا درمل جي سهوليتن جي موجودگي. اِنجنيئرنگ ڪاليج ۽ ڊاڪٽري ڪاليج بہ اتي شروع ڪري سگهجن ٿا. اَسان کي اُتي جڳهہ جو مسئلو ڪونہ آهي. جام ايراضي پيئي آهي.

اَسين جيڪڏهن انهن ڳالهين تي ٿورو ڌيان ڏيون تہ اَسان جي جاتيءَ لاءِ اهو ڏاڍو سٺو ٿيندو. مثال طور اَسان ڀڌو آهي تہ ڪوٽا ۾ آءِ. آءِ. ٽي. ڪاليج کوليو ويو آهي. پهرين ڪوٽا جو ڪنهن نالو بہ نہ ٻڌو هوندو! چاڪاڻ تہ ننڍو شهر هو؛ پر هاڻي اُتي ڪيترائي تعليمي اِدارا کلي ويا آهن! ماڻهن انهن ڳالهين جو ڌيان رکيو آهي ۽ اَسان جي ڪاتي جا ڪيترا ئي آفيسر پنهنجي اُتي بدلي ڪرائي رهيا آهن، جيئن ٻارن کي سٺي تعليم ڏياري سگهن. جيڪڏهن ان طرح جو واڌارو اَسين اُلهاس نگر ۾ آڻيون تہ نہ صرف اَسان جي جاتيءَ جو ڀلو ٿيندو، پر ٻين کي بہ اُن مان گهڻو فائدو پوندو ۽ اَسان کي فخر جو احساس ٿيندو!

**جوَهراڻي: ها! برابر! ديش جي واڌاري لاءِ جيڪي بہ ڪجهہ اَسان سنڌين ڪيو آهي؛ تنهنجو فائدو هر ڪنهن ورتو آهي! ڇا ان ۾ ڪو شڪ آهي؟**

**لڇمڻ:** اَسان کي هميشهہ مدد ڪرڻ ۽ ڏيڻ جي ڀاونا سان ڪم ڪرڻو آهي! پوءِ ڀڳوان اَسان ۾ ٻين کان گهرڻ ۽ وٺڻ جا ويچار ئي ڪونہ آڻيندو!

**جوَهراڻي: ڇا توهان جا ٻار گهر ۾ سنڌي ڳالهائيندا آهن؟**

**لڇمڻ:** ها! اَسين گهر ۾ مائٽن سان، ننڍن وڏن سان سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائيندا آهيون! پر اَسان سان صرف هڪ تڪليف آهي تہ اَسين سنڌيءَ ۾ لکي پڙهي ڪونہ سگهندا آهيون؛ جو وري لپيءَ جي اَٽڪ اَچي ويندي آهي. مون کي اِهائي ڳالهہ ڪائيندي رهندي

آهي ته جيڪڏهن اَسين هن لپيءَ کي چنبڙي پونداسون ته اَڄ نه سڀاڻي اَسان جي ٻولي ختم ٿي ويندي. مان سمجهان ٿو ته لپيءَ تي وڏيڪ واد وواد نه ڪرڻ گهرجي. هونئن به اها لپي اَسان جي پنهنجي ڪانه آهي. جيڪي ٻاهران آيا ۽ اَسان تي راڄ ڪيائون، اُنهن ئي اها لپي اَسان تي مڙهي آهي. **اها چڱي پراڻي لپي آهي، پر بنيادي طور اَسان جي پنهنجي ته ڪانه آهي نه!** سو جيڪڏهن اَسان کي دل سان اَپنائڻو ئي آهي ته ڇو نه ديوناگري اَپنايون، جو اُها اَصل ۾ سنسڪرت مان ئي نڪتل آهي. اَسان جي اَصلي لپي ڪهڙي هئي! اُن جي ڄاڻ اَڄ تائين ڪانه ملي سگهي آهي؛ پر ديوناگري نه وديشين جي لپي آهي ۽ نه ئي حملهآورن جي. اَسان جي پنهنجي آهي! پنهنجي ديش جي آهي! ان ڪري مان ديوناگريءَ تي ئي زور ڏيندس، نه ته نه ته اَسانجي ٻارن کي پنهنجي سڀيتا جي صحيح ڄاڻ اَصل ئي ڪونه ملي سگهندي. اَسان جيڪڏهن عربي لپيءَ تي زور ڏينداسون ته اَڄ ڪو به ٻار اها لپي سکڻ لاءِ تيار ڪونه ٿيندو ۽ نه ئي ڪين وقت آهي!

جوَهراڻي: **توهان جي ويچار موجب اَڄ هن موڙ تي ڪهڙا ڪهڙا قدم کڻڻ گهرجن؛ جيئن اَسان جي ٻوليءَ جو وڪاس ٿئي! ڇاڪاڻ ته گهڻو ڪري سيني اِسڪولن ۽ ڪاليجن مان سنڌي وشيه گُم ٿي ويو آهي. ايتري قدر جو ڪٿي به اَسان سنڌين‌جي تاريخ ڪانه ٿي پاڙهي وڃي. جيئن مثال طور هيمو ڪالاڻي ڪير هئو؛ اَسان جي نوجوانن کي خبر ئي ڪانهي؛ هيمو ڪالاڻيءَ جي قرباني بلڪل ڀڳت سنگهه جي قربانيءَ جهڙي هئي؛ جن پنهنجي زندگي، جوانيءَ ۾ ئي قربان ڪري ڇڏي. اَڄ جي جوانن کي اها ڄاڻ ڏيڻ لاءِ توهين سنيما يا ٽِي. وي. جو سهارو وٺڻ چاهيندا ڇا؟**

لڇمڻ: مان سمجهان ٿو ته اَڄ ڪالهه جا نوجوان سنيما ۽ رنگ منچ ڏانهن ڇڪجي چڪا آهن ۽ اهي خود به اُن ۾ حصو وٺڻ چاهيندا! ان طريقي سان جيڪڏهن اَسين ڪين پنهنجن اَبن ڏاڏن جي باري ۾ به ٻڌائينداسون ۽ تاريخ کان واقف ڪنداسين ته هو فخر محسوس ڪندا!

اَنگريزي، هندي، مراٺي، گجراتي، سنڌي (ديوناگري ۽ رومن لپي) ۾ نئا نئا ڪتاب ڇپائي ڪين ميسر ڪري ڏيندا سون تہ هو اُنهن ڪي پڙهي بہ سنڌيت جي باري ۾ گهڻي ڄاڻ حاصل ڪري سگهندا. پوءِ هو محسوس ڪندا تہ اَسين تعداد ۾ ڀل گهڻو گهٽ آهيون، پر ديش ڪي اَسان جي دين تمام گهڻي آهي. حقيقت ۾ اَسان جي ديش تي نالو بہ اَسان مان حاصل ٿيل آهي. جڏهن هنن ڪي ان ڳالهہ جي خبر پوندي، تڏهن هو محڪم اِرادي سان اُن جو وجود قائم رکندا ايندا!

**جوَهراڻي:** **توهان جو مطلب آهي تہ 'هند' نالو 'سنڌ' مان ئي حاصل ڪيو ويو آهي؟**

**لڇمڻ:** ها! اَسان جي سنڌو نديءَ مان اَسان جي ديش جو نالو 'هند' رکيو ويو آهي! اَسان ڪي پنهنجي اِها پهچاڻ قائم‌دائم رکڻي آهي ۽ بئي ڪنهن ڪان ڪجهہ گهرڻ ۽ وٺڻ جي ضرورت ئي ڪانهي. اَسان ڪي اهو محسوس ڪرڻ گهرجي تہ اَسان سيني ڪان اَڳرا هئاسون؛ پوءِ هاڻي ڇو پٺيان رهجي ويا آهيون! ڏسو نہ، تہ بنگالي ۽ پارسي ڪيئن ايترو واڌارو ڪري ويا آهن!

**جوَهراڻي:** **جيستائين مالي حالتن جو سوال آهي تہ اَسان بہ چڱو ئي مضبوط ٿيا آهيون. پر ورهاڱي ڪان پوءِ اَسان جي جاتيءَ ڪي جيڪو خاص وڏو ڌڪ لڳو آهي، سو اَسان جي ٻولي، ساهتيہ، سڀيتا ۽ تهذيب! ان نقصان ڪي ڪيئن منهن ڏجي؟**

**لڇمڻ:** اَسين هن وقت تمام سني حيثيت ۾ آهيون، جيئن انهن نقصانن ڪي منهن ڏيئي سگهون. ٻولي ۽ سڀيتا جي انهن ڳالهين ڪي بچائڻ لاءِ پهرين اِهو ضروري آهي تہ اَسين مالي طور مضبوط هجون! جيئن چيو ويندو آهي تہ بکئي پيٽ، ڀڄن ڪونہ ٿيندو آهي؛ تهڙي نموني جي اَسين مالي طور مضبوط ڪونہ هونداسون تہ اَسين ٻولي ۽ سڀيتا ڪي بچائڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪونہ ڪري سگهنداسين. هينئر اَسين اهڙين حالتن تائين پهچي چڪا آهيون، جو انهن نقصانن جو ازالو ڪري ٿا سگهون! پر انهن ڳالهين ڪي محسوس ڪرڻ تمام ضروري آهي تہ اُهي بہ هڪڙا پهلو آهن، جن ڪي منهن

ڏيٺو آهي ۽ پنهنجو ڪجهه وقت ان لاءِ به ڪڍڻو آهي. هن وقت اَسان ڪي اِسڪول آهن، ڪاليج آهن، رنگ منچ آهن، پروفيسر، ڊاڪٽر، وڪيل آهن ۽ هيترا سارا فلم اِنڊسٽريءَ ۾ ماڻهو آهن؛ انهن سيني ڪي جلسن، سيائن، سميلن ۾ گهرائي؛ اُنهن جي معرفت ماڻهن کي پنهنجي سڀيتا جي ڄاڻ ڏيئي اُتساهت ڪري سگهجي ٿو!

**جوَهراڻي:** **مکيه ڳالهه اِها ته اَڄ ڪلهه جي سنڌي جوانن کي سنڌي سڏائڻ لاءِ اُتساهت ڪرڻ گهرجي. باقي سڀ پاڻيهي ٿي ويندو؛ اَسين سنڌ جي قديم سڀيتا جا وارث آهيون؛ اِهو ڪين محسوس ڪرائڻو پوندو! جيستائين اهو نه ٿو ٿئي؛ تيستائين اَسين پنهنجي سنسڪرتي شايد نه بچائي سگهون!**

**لڇمڻ:** ها! اهو سؤ ٽڪا صحيح آهي!

**جوَهراڻي:** **اَڄڪلهه اَنتر جاتي وواهه به ٿي رهيا آهن! توهان جو ان جي باري ۾ ڪهڙو رايو آهي؟**

**لڇمڻ:** مائٽن معرفت ٿيندڙ شادين لاءِ ڪوشش ڪجي، ته سنڌين جون شاديون سنڌين ۾ ئي ٿين؛ باقي پيار جي شادين ۾ ڪي جوان هڪ ٻئي ڏانهن ڇڪجي وڃن ته اُن ۾ ڪجهه ڪري نٿو سگهجي! مان نٿو سمجهان ته اَهو ڪو وڏو مسئلو آهي.

**جوَهراڻي:** **اَسين جنهن به پرانت ۾ ڦانئيڪا ٿي ويا آهيون ته اُتان جون ريتون رسمون ۽ پرمپرائون اَپنايون ٿا. اَسين گٽپتيءَ جي پوڄا ڪريون ٿا، دُرگا پوڄا ڪريون ٿا، سڀني ديوين ۽ ديوتائن ۾ وشواس رکون ٿا؛ پر اَسين پنهنجي اِشٽ ديو جهولي لعل جي باري ۾ دنيا کي ڪيئن ٻڌايون؟ حقيقت ۾ اَسان جي نئين ٽهي جهولي لعل جي ڄاڻ کان بلڪل اَڻ واقف آهي. هنن کي خبر ئي ڪانهي ته ’چاليهو صاحب‘ ڇا ٿيندو آهي. اَسان جون پرمپرائون ڪهڙيون آهن؟**

**لڇمڻ:** ٻين کي ٻڌائڻ کان اَڳ اَسان کي پنهنجن ٻارن کي واقف ڪرائڻ بهتر آهي. صاف صاف ٻڌائي ڇڏيانوَ ته گذريل ويهن سالن کان

اَسين پاڻ گڏپتي گهر ۾ رکندا آهيون ۽ گڻيش اُتسو تي پوڄا ڪندا آهيون. اَسان ڪڏهن بہ جهولي لعل جي پوڄا ڪانہ ڪئي آهي؛ جيئن گڻيش ديوتا جي ڪندا آهيون.

جوَهراڻي: **اهو تہ جلدي شروع ڪرڻ گهرجي؛ جيئن اَسين گڻيش ديوتا هڪ-ڏيڍ ڏينهن لاءِ رکي پوڄا ڪندا آهيون، تيئن جهولي لعل بہ هڪ ڏيڍ ڏينهن لاءِ اِستاپن ڪري پوڄا ڪريون، جيئن اَسان جي ٻارن کي اَسان جي اِشٽ ديو جي ڄاڻ ملي! اِئين ڪرڻ سان نہ صرف اَسان جي ٻارن کي پر غير سنڌين کي بہ اَسان جي ورڻ ديوتا جي ڄاڻ ملندي!**

لڇمڻ: ها! مان اِن ڳالهہ ۾ توهان سان شامل راءِ آهيان، تہ اَسين جهولي لعل جي پوڄا ڪرڻ ۾ پنتي رهجي ويا آهيون! اَڄ توهان مان اِها سني ڳالهہ حاصل ڪئي اَٿم، تہ پنهنجي ديوتا جهولي لعل جي پوڄا ڪرڻ گهرجي ۽ ٻين سنڌين کي ان پوڄا ڪرڻ لاءِ همٿايو وڃي.

جوَهراڻي: **باقي آخرين سوال! ديش جي ورهاڱي کي سٺ سال گذري ويا آهن، پر اَسان جا وڏا اَڃا تائين فرياد ڪندا ٿا رهن تہ ورهاڱي وقت ڪيل اَنجام اِقرار ڪونہ پورا ڪيا ويا آهن! توهان جو ان باري ۾ ڇا ويچار آهي؟**

لڇمڻ: مان سمجهان ٿو تہ اَسان هتي گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو آهي! اَسان کي اِها جهڻ جهڻ بند ڪرڻ گهرجي تہ هي نہ مليو; هو نہ مليو! اَسان کي هڪ ڳالهہ ويچار هيٺ آڻڻ گهرجي تہ اَسان جي آدمشماري ڪل پنجويہ ٿيہ لک! اُن آڌار تي سَرڪار اسان جا وڏ ۾ وڌ ٻہ يا ٽي MPs پارليامينٽ ۾ ٽاڦي ها، پوءِ بہ لوڪ سڀا جي لاءِ ۵۴۰ چوندبيل عيوضين جي وچ ۾ اُنهن جي ڪهڙي دال ڳري ها!

حقيقت ۾ هينئر جيئن اَسين سڄي ديش ۾ پکڙيل آهيون تہ اَسان کي هر هنڌ شيپ اِڇائون ۽ پيار ملي ٿو. هرڪو اَسان جي واکاڻ ڪري ٿو! اِهو بهتر ٿيندو تہ اَسين اُنهن انجامن اِقرارن جي باري ۾ وڌيڪ نہ سوچيون تہ هي مليو ۽ هو نہ مليو. اُن وقت سوچيون ها،

تہ مان سمجهان ٿو تہ شايد ڪجهہ نہ ڪجهہ حاصل ڪري سگهون ها! پر هاڻي نہ اَسان کي ڪجهہ کپي ۽ نہ ئي ڪو اَسان کي ڪجهہ ڏيندو!

**جوَهراڻي:** **توهان جي چوڻ موجب اَسان کي هاڻي حقن لاءِ لڙڻ ڇڏي؛ اُن جي بدران پنهنجن فرضن سان نڀائڻ گهرجي! اِها سوچ اَسان لاءِ فائديمند ٿيندي! مهرباني!**

**لڇمڻ:** توهان جي مهرباني!